SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر VI مجريہ 2010
# SINDH ACT NO.VI OF 2010
# سنڌ مڪاني حڪومت (ٻي ترميم) ايڪٽ، 2010
# THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (SECOND AMENDMENT) ACT, 2010

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعہ 179_A جي ترميم
Amendment in Section 179_A of Sindh Ordinance No.XXVII of 2001

3. منسوخي
Repeal

# سنڌ ايڪٽ نمبر VI مجريه 2010
# SINDH ACT NO.VI OF 2010
## سنڌ مڪاني حڪومت (ٻي ترميم) ايڪٽ، 2010
## THE SINDH LOCAL GOVERNMENT (SECOND AMENDMENT) ACT, 2010

[14 اپريل 2010]

ايڪٽ جنهن ذريعي سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ مڪاني حڪومت (ٻي ترميم) ايڪٽ، 2010 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

2001 جي سنڌ آرڊيننس نمبر XXVII جي دفعه 179_A جي ترميم
Amendment in Section 179_A of Sindh Ordinance No.XXVII of

2. سنڌ مڪاني حڪومت آرڊيننس، 2001 جي دفعه _179 A ۾، ذيلي دفعه (3) لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

"(3) حڪومت سول سرونٽس منجهان بشمول لوڪل گورنمينٽ ڊپارٽمينٽ جي ملازمن، سنڌ سرڪار جي ملازمن ۽ سنڌ ڪائونسلس يونيفائيڊ گريڊن جي عملدارن مان ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪندي، جيڪي پنهنجون ذميواريون سرانجام ڏيندا ۽ پنهنجي لاڳاپيل لوڪل گورنمينٽ ۾ ناظمن جا اختيار استعمال ڪندا، تان جو نوان چونڊيل ناظم پنهنجي عهدي جو قسم کڻن.

| 2001 | بشرطيڪ ضلعي حڪومت جي سلسلي ۾ ايڊمنسٽريٽر بنيادي اسڪيل 19 ۽ ان ڪان مٿي وارن آفيسرن منجهان مقرر ڪيا ويندا ۽ تعلقي ۽ ٽائون ايڊمنسٽريشنز جي سلسلي ۾ بنيادي اسڪيل 17، 18 ۽ ان ڪان مٿي وارن آفيسرن منجهان مقرر ڪيا ويندا.<br>بشرطيڪ وڌيڪ تہ حڪومت عوامي مفادن وٽان ڪنهن ايڊمنسٽريٽر کي بدلي ڪري سگهي ٿي يا بد هلت جي بنياد تي سندس خلاف ڪارروائي ڪري سگهي ٿي ۽ سندس جڳهہ تي ٻيو عملدار مقرر ڪري سگهي ٿي. |
|---|---|
| منسوخي<br>Repeal | 3.سنڌ مڪاني حڪومت (ٻي ترميم) آرڊيننس، 2010 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو. |

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**